عابده گھانگھرو

# سامي‌ءَ جي ڪلام جو مختصر جائزو

## A BRIEF ANALYSIS OF POETRY OF SAAMI


### ABSTRACT

Sindhi poetry revolves around the triangle of three major poets i.e. Shah Abdul Latif, Sachal Sarmast and Saami. The only difference being that Shah Abdul Latif and Sachal Sarmast belong to Sufism, while Saami belongs to Vedanat. Nevertheless, all three of them are mystic poets of Sindh and spread the same message of peace, love and interfaith harmony through their poetry.

Bhai Chain Rai Lund Saami is one of the greatest classical poets of Sindh. Mostly, his poetry is for the dissemination of the Vedas to the Sindhi Nation.

Despite of this it is a common perspective regarding his poetry that, he is a poet of Hindi Bhajan, to be sung in Temples and he was actually a trader who spent his half life in making money then he felt a fear about his next life (after birth life), so for the sake of being a loyal person in his next life, he prayed and his all verses are representing his that prayers.

Rather his poetry emphasizes on humanity, to raise a voice against religious extremism. He was the follower of Kabir and Shah Latif. This study focuses an the actual teaching message of humanity, peace and love in his poetry.


هر خيال ۾ تصور جي هڪ تصوير، خاڪو ۽ سُڃاڻپ هُوندي آهي. سنڌ جي فڪر، فلسفي ۽ فن جو تصور اُڀرندي ئي سنڌ جي عظيم شاعرن / بُزرگن جو هڪ وڏو سَٽ فڪر جي موتيءَ داڻن سان فلسفي جي هڪ مالها جوڙيندو امن ۽ سلامتيءَ جا گيت گُونجاريندو نظر ايندو. بُزرگن ۽ فلسفين جي اِن سَٽ ۾ شاهه ڪريم کان وٺي شاهه لُطف الله قادريءَ تائين، شاهه لطيف، سچل، ساميءَ کان وٺي رُوحل، دريا خان توڙي خليفي نبي بخش سميت ڪيترا ئي ٻيا انمول موتيءَ داڻا ملندا، جن جي نمائندگي ڪندڙ تِـمورتي شاهه، سچل ۽ سامي آهن. سامي شاهه کان پوءِ جو ۽ سچل جو همعصر شاعر آهي. ڀائي چين راءِ لنڊ (سامي) (1730ع -1850ع) تصوف وارن بُزرگن جي لشڪر جو ويدانتي سپاهي آهي. اِنهن سمورن صوفين جو

عقيدو آهي تہ جيئن الله تعاليٰ جا نوانوي نالا آهن ۽ هر نالي جي جُدا جُدا معني، مفهوم ۽ خاصيت هُجڻ جي باوجود اِها هڪ ئي ذات جي سُڃاڻپ آهي، تيئن اڪثر مذهب هڪ ڌڻيءَ / پالڻهار جي وحدانيت ۾ يقين، پاڻ ۾ ايڪي ۽ ڀَڏيءَ ۽ معاشري ۾ امن ۽ سلامتيءَ سان اڳتي وڌڻ جي تعليم ڏين ٿا. جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ هر چهرو ۽ ذهن مختلف ناهيو آهي، تيئن هر آفاقي مذهب ۽ نظرئي رکندڙ ذهن جو رنگ، ڍَنگ ۽ سوچ جو انداز، وسيلو ذريعو ۽ طريقو تہ مختلف آهي پر منطق هڪڙو ئي آهي پالڻهار جي رضا ۽ ٻاجهہ حاصل ڪرڻ ۽ پالڻهار جي خلقيل ڪائنات جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ پتوڙڻ.

ويدانت جو مطلب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "هندو مت ۾ 'الڪ' جي ايڪائي ۽ اُن سان لؤن لائڻ جو فلسفو" ٻُڌايو آهي. (هڪ جلدي سنڌي لغت – ص: 707)

سنڌ جي ٻين صوفي شاعرن قاضي قادن کان وٺي ساميءَ جي همعصر سچل سرمست تائين اسلامي قدرن کي بنياد بڻايو آهي. سامي پڻ اِنهن ئي شاعرن جو تسلسل آهي. فرق رڳو ايترو آهي تہ هُن پنهنجي فڪر ۾ ويدانتي قدرن کي بُنياد بڻايو آهي. شاهہ چوي ٿو:

اڪر پڙهہ الف جو، ٻيا ورق سڀ وِسار
اندر تُون اُجار، پَنا پڙهندين ڪيترا؟

سامي چوي ٿو:

پَنا ڪوهہ پڙهين، اَٿي حرف حقيقت هيڪڙو
پائي مُنهن مهراڻ ۾، اندر ڇو نہ اَڙين؟
ڪلپَت ڪچي جيءَ مون، سامِي سِير چڙهين
ناحق ڪوهہ گهِڙين، اڻ هوندا گهاٽ اَندر ۾
(مورک – 45 – ص: 92)

ٻئي هنڌ چوي ٿو:

مُنهن ڪارو موچارو، اَندر ڪاري آدميءَ ڪون
سمجهي سُڄان ڪو، سُورمو، اِهو اِشارو
چڙهي وڃائي چٽ تي، نِرَ پَوَ نغارو
ٿَيَ جان نيارو، سامي رهي سرير ۾.
(آگياني (ب) 19 – ص: 30)

ساميءَ ڪلهوڙن جي دور ۾ جنم ورتو. ٽالپرن جي دور کي اُسرندڙ عمر، ڦوهہ

جوانيءَ کان وڏي عمر جي پُختگيءَ واري دور تائين جاچيائين ۽ انگريزن کي ايندي ۽ پنهنجا ٽاڪ ٽاهيندي پنهنجي تجربيڪار اکين سان ڏٺائين. اهڙيءَ طرح هيءُ تاريخ جي ٽن اهم دورن کي اکين سان ڏسندڙ شاعر آهي. شاهه، سچل ۽ ساميءَ وارا دور سنڌ جا سياسي ۽ سماجي لحاظ کان انتهائي بُحران وارا دور هئا. مذهبي انتهاپسنديءَ واري ماحول، ڪلهوڙن پاران خُودمختياريءَ لاءِ ڪوشش ۽ اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ سندن جدوجهد ۽ مُغلن سان مشروط حڪمتِ عملين، شاهه عنايت شهيد واري عوامي انقلاب جي ناڪاميءَ، جتي سنڌ جي عوام کي ذهني، شعوري، سماجي، معاشي طور بدحال ڪري ڇڏيو هو، اُتي اُن دور جا شاعر ۽ مُفڪر پنهنجو فرض ادا ڪري رهيا هئا. شاهه کان اڳ ۽ ساميءَ کان پوءِ به ڪيترن ئي شاعرن عوام کي خوشحاليءَ، امن، سُڪُون ۽ خودمختياريءَ جو هڪڙو ئي رستو ٻُڌايو، جيڪو ايڪي، محبت ۽ پائيچاري سان جُڙيل هڪ قومي اتحاد کان سواءِ ٻيو ڪو نہ هو.

شاهه ۽ سچل عوامي شاعر هُئا. ڪين خبر هُئي تہ عوام جي ڏُکندڙ دلين تي ڀها ڪيئن رکبا؟ شاهه جا بيت ماڻهو جهر جهنگ جهُونگاريندا وَتندا هُئا. اهڙيءَ طرح سچل جون ڪافيون جوانن کي جوش ڏياريندڙ هيون. ساميءَ جي سامهون اِهو شعور، سُجاڳيءَ ۽ جدوجهد وارو منظرنامو هو. ساميءَ شاهه ۽ سچل وانگر ٻالجتيءَ کان شعر نہ چيو، توڙي جو سندس فڪر مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هُو بہ هڪ فطري شاعر آهي؛ حالانڪہ هُو هڪ سيٺ گهراڻي جو فرد هو. عمر جي شروعاتي دور ۾ هُو دُنياداريءَ سان ئي لاڳاپيل رهيو. واپار مان ويدانت ڏانهن وَرڻ وارو سفر ضرور هُن سماجي حالتن جو اَڀياس ڪرڻ کان پوءِ شروع ڪيو. مذهبي انتهاپسندين وارا رويا، هندن کي زوريءَ مسلمان ڪرڻ وارا واقعا ۽ عوامي مزاحمت وارو ماحول بہ سندس اکين آڏو هو. اِهو سچو وايو منڊل سندس مشاهدي ۾ هو. اِن سان گڏوگڏ هُو پڙهيل ڳڙهيل بہ هو. هندو ٻارن لاءِ پاٺشالائن ۾ تعليم ۽ تربيت ٿيندي هئي ۽ هندو واپاري خاص طور تي پنهنجن ٻارن کي خاص ڪري پڙهن کي واپاري ٻوليءَ (جنهن ۾ حساب ڪتاب / ڏيتي ليتي اچي وڃي ٿي) جي تربيت ڏيندا هئا. اِهو ظاهر ڪري ٿو تہ سامي پڙهيل ڳڙهيل بہ هو ۽ هُن ديني توڙي دُنيوي مسئلن توڙي مُونجهارن کي غور سان پرکيو ۽ ان مشاهدي جي بُنياد تي ئي هُو چوي ٿو:

فارسي ۽ هندي، سَنت چون ٿا ڳالهہ هڪ  
سمجهي ڪو سامي چوي، ٻيائيءَ ٻنا ٻنڌي  
چڙهي انيءَ اَچ تي، وٺي راهہ رَنڌِي  
پائي گيان گندي، سمهي سکپت سيج تي.  
(سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، ص:289)

*****

عجائب عقل، سالڪ ڏنو سڪ مان
سمجهي روح راضي ٿيو، چڙهي هنگامو هُل
چڙهي نور محل ۾، ڪيائين حق حاصل
وحدت ۾ واصل، پرچي ٿيو پريم سان
(سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، ص:289)

ڊاڪٽر سحر امداد ساميءَ جي فڪر متعلق پنهنجي مضمون "ساميءَ سندو سروپ" ۾ لکي ٿي ته "سامي هڪ سنت ڪوي آهي. ان لحاظ کان هُن جي شاعري "ويدانتي فلسفي / ادويت واد" يعني وحدت جي مستيءَ ۾ يقين رکندڙ آهي. ان حوالي سان ويدانتي فلسفو تصوف جي وحدت الوجود فلسفي کي قريب تر آهي ۽ ٻنهي ۾ ڪو به فڪري ڀيد ڀاو ناهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي نيڪيءَ، سچائيءَ، محبت ۽ وحدت جو ٻج قرآن شريف مان، حديثن مان، روميءَ جي شاعريءَ مان ۽ خُود پنهنجي ماحول مان ڪٺي ٿو. ڀائي چئن راءِ لنڊ سامي ٻين سنت ڪوين وانگر ويدن، اپنشدن ۽ ٻين شاسترن مان پنهنجي سنت ڪاويه لاءِ موتي ميڙي ٿو." (شعور، شاعر، شاعري—ص: 210)

ساميءَ جا سلوڪ ويدانت تي ٻڌل آهن. ويد هندو ڌرم جا مذهبي ڪتاب هُئا. اِنهن جا چار قسم آهن، جن ۾ رگ ويد ۽ ٻيا شامل آهن. اڄ به ڪيترا ئي مذهبي اسڪالر رگ ويد جي بيانن جي روشنيءَ ۾ تعليم ڏيندا آهن. ڊاڪٽر ذاڪر نائڪ هندستان جو هڪ مذهبي اسڪالر آهي، جيڪو پنهنجي ليڪچرن / خطابن ۾ ويدن ۽ قرآن پاڪ جي پيغام جي پيٽ ڪندي نيڪيءَ، ڀلائيءَ ۽ اِنسانيت جون هڪجهڙائيءَ واريون ڳالهيون مثالن سان بيان ڪندو آهي. ويدن جي تاريخ لاءِ اِهو به مشهور آهي ته اهي سنڌوءَ ڪناري لکيا ويا. يعني ويد جنهن نظرئي جو سرچشمو هُئا اُن نظرئي جا بنياد به سنڌ ڌرتيءَ تي ئي موجود هئا. ٻين مذهبي نظرين وانگر ان ۾ به انسانيت، امن ۽ ڀائيچاري وارو پيغام آهي، جنهن کي عام ڪرڻ لاءِ ماضيءَ ۾ مختلف تحريڪون اُڀرنديون رهيون آهن.

ڊاڪٽر تنوير عباسي اِن سلسلي ۾ پنهنجي مضمون "سنڌي شاعريءَ ۾ ساميءَ جي اهميت" ۾ لکي ٿو ته "نئين ڪنڊ، اَڻ ورهايل هندستان ۾ ادب ۾ هڪڙي تحريڪ شروع ٿي، جنهن کي چوندا هُئا نر اڪار واد. نر معني نه، اُڪار معني شڪل. معني خُدا جي ڪا به شڪل ڪانهي. عام طور تي چيو ويندو آهي ته هي بُت پرستي ٿا ڪن، هي ٿا ڪن، هو ٿا ڪن پر انهن جي ويدن ۾ يا گيتا ۾ اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي. نر اڪار واد ادب ۾ جيڪو شروع ٿيو اُنهيءَ جو مطلب هو ته محبوب جي ڪا به شڪل ڪانهي. هو شڪل کان بي نياز آهي... ... گوتم ٻُڌ به مُورتيءَ جي پُوڄا کي نه مڃيندو هو، نه اعتبار ڪندو هو. سندس مرڻ کان پوءِ ان جي مورتي

ٿاهي اُن کي پوڄڻ شروع ڪيُن. ” (سامي ءَ تي هڪ نئين نظر – ص: 33)

ساڳي ئي مضمون ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي ناٿ پنٿي تحريڪ متعلق لکي ٿو تہ ”گرو گورکناٿ مها ٻُڌ جو ٻئيهون سڌ (خليفو) هو. جنهن اها ناٿ پنٿي تحريڪ شروع ڪئي. سندس چوڻ هو تہ گوتم ٻُڌ پاڻ جن ڳالهين کي نہ مڃيندو هو يا اعتبار نہ ڪندو هو اُهي ساڳيون ڪيو ٿا ۽ مورتين کي پوڄيو ٿا. ائين نہ ڪريو. ” (سامي ءَ تي هڪ نئين نظر، ص-34)

ناٿ پنٿي ادب جي تحريڪ تہ هئي پر سماج ۾ ناٿ پنٿي جوڳي گيڙو لباس پهري بر پـٽ، بيابانن ۾، جهرن جهنگن ۾ گهمي ڦري عوام ۾ محبت، اُخوت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ورهائيندا هئا. سنڌ ۾ صوفي فقيرن ۽ شاعرن جو گيڙو لباس ان جي ثابتي ۽ تسلسل آهي. ان کان سواءِ سنڌي اساسي شاعرن خاص طور تي شاهہ لطيف جي فڪر تي گرو گورکناٿ جي فڪر جو اثر واضح ڏسي سگهجي ٿو.

لنگ ڪڍياؤن لانگ، موتي ڪن نہ مسـحو
جا اسلامان اڳي هئي، سا سُئاؤن بانگ
سامي چڏي سانگ، گڏيا گورکناٿ کي
(سر رامڪلي – ص: 14)

نئيي کنڊ / هندستان ۾ هندو ڌرم سان لاڳاپيل سڀ کان وڏي ادبي تحريڪ ڀڳتي تحريڪ اُڀري. ناٿ پنٿي تحريڪ کان پوءِ هيءَ نئيي کنڊ جي تمام وڏي تحريڪ هُئي. رامانج ۽ راما نند کان وٺي ڀڳت ڪبير تائين پهچنديِ اِن تحريڪ سموري هندستان تي پنهنجو اثر ڇڏيو. ان ۾ بنگال ۽ سنڌ پڻ شامل هئا. ان تحريڪ جي سرواڻن ۾ رامانج ۽ راما نند کان پوءِ ڀڳت ڪبير، رويداس، سورداس، گرو نانڪ، بنگال ۾ ميران ٻائي، راجستان ۾ دادو دَيال ۽ سنڌ ۾ قاضي قادن کان وٺي شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست تائين ان جو اثر قبوليندڙ آهن. سامي سنڌ ۾ اِن تحريڪ جو وڏو نمائندو آهي. سامي ءَ جي شاعريءَ ۾ اِن تحريڪ جي بنيادي نڪتن پريم ڀڳتي ۽ طبقاتي فرق کي ختم ڪرڻ واري جدوجهد جو پيغام ملي ٿو.

وڏي وڏائي، سامي جاڻ ڀڳت جي
نيچ اوچ تيا ڪيترا، ڪري ڪمائي
ڍيڍ چمار جُلاها، پيچارا نائي
جني لنؤ لائي، سي سڀئي سُڌريا
(ڀڳتي – 4 – ص: 409)

(معنيٰ: جُلاها= پيچارا، نائي= حجم، ڍيڍ چمار= چُهڙا، موچي، مُردار ڍور

ڪائيندڙ گهٽ ذات وارا)

سامي ءَ جو هي ءُ بيت سماجي طبقاتي فرق جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ ٻڌائڻ چاهي ٿو تہ ڀڳتي نظرئي وارن سنت ڪوين واري هلچل سماج مان طبقاتي فرق ختم ڪرڻ لاءِ آواز بلند ڪيو. جن ذاتين کي نيچ سمجهي سماج ۾ علم ۽ مذهبي عبادت کان تہ پري رکيو ويندو هو پر طبقاتي فرق جي ڪري هو زندگيءَ جي ڪيترين ئي سهولتن کان محروم پڻ رکيا ويندا هئا. ڀڳتي تحريڪ ۾ شامل سنت ڪوين ۾ انهن هيٺانهين سمجهندڙ ذاتين وارا وڏا وڏا ساڃهہ وند ڪوي هئا جن ۾ ڪبير (ڪوري يا پڇارو)، رويداس (چمار يا موچي)، دنو (هاري) ۽ ٻيا شامل هئا. ويدانت مطابق ڌڻي تعاليٰ مختلف روپ ڌاري دُنيا ۾ انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ اچي ٿو. اهڙن ماڻهن کي اوتار چيو ويندو آهي. انهن ۾ خدائي خصوصيتون وڌيڪ هونديون آهن.

سندس بيت ۾ اشارو اُنهن سنت ڪوين ڏانهن آهي، جيڪي ڀڳتي تحريڪ جا روح روان هئا. انهن مان ڀڳت ڪبير داس هڪ (جولاهو)، پڇارو، ڍيڍ چمار رويداس کي ۽ پوءِ دادو ديال ۽ سئنا ڀڳت ڏانهن اشارو ڪري ٿو. چوي ٿو تہ هي سڀ رشي، عظيم ماڻهو سماج ۾ گهٽ ڪرت ۽ ذاتين وارا هئا پر پنهنجي شعوري عظمت ڪري اڄ دنيا ۾ ياد ڪيا وڃن ٿا. سامي ءَ جي مٿئين بيت جي سمجهاڻي سنڌ جو ڏاهو، اديب اي جي اُتم هن طرح لکي ٿو تہ ”سامي ءَ جي انهن سٽن کي جڏهن اُن زماني جي پس منظر ۾ مادي نقطئہ نگاهہ کان ڏسجي ٿو تہ اهي زماني جي وڏي حقيقت ٿيون ٻڌائين تہ جن کي هيل تائين نيچ سمجهي ايشور جي ڀڳتي ڪرڻ کان وانجهيو ويو هو، تن جاڳي پنهنجو حق حاصل ڪيو هو ۽ اهو سڌ ڪيو هو تہ ايشور اڳيان اوچ نيچ جو ڀيد ڀاو نہ ٿو هلي.“ (مضمون: سامي ءَ تي هڪ نگاهہ / سامي ءَ تي هڪ نئين نظر — ص: 11)

واضح رهي تہ هندن ۾ عبادت جو حق رڳو برهمڻن يعني مٿينءَ ذات وارن کي مليل سمجهيو ويندو هو، جڏهن تہ هيٺين ذاتين خاص طور تي شُودرن لاءِ مذهبي تعليم حاصل ڪرڻ تي پابندي هوندي هئي. ان لاءِ سندن مختلف نظريا آهن تہ شِو جي مٿي، ٻانهن، ڪلهن وغيرهہ مان جُڙيل ماڻهو مٿين ذاتين وارا آهن جڏهن تہ گهٽ ذاتين وارا سندس گوڏن ۽ پيرن مان جُڙيا آهن. هڪ لمحي لاءِ جيڪڏهن اِن ڳالهہ تي يقين ڪجي تہ اِهو ئي سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ جڏهن شِو(ڌڻي) پوڄا لائق آهي تہ پوءِ ان پوڄا ۾ جسم جي حصن جو فرق ڇا جو؟ جيڪڏهن انسان شو جي مختلف حصن مان جُڙيو آهي تہ اِهو بہ تہ عظيم ئي ليکبو؟ ممڪن آهي تہ اهي سڀ ڏند ڪٿاؤن فرضي هجن ۽ اهڙي قسم جي مفروضن کي غلط ثابت ڪرڻ ۽ عوام ۾ مذهبن جي صحيح تصور کي اُڀارڻ لاءِ سنتن پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اِن تحريڪ جي مقصدن ۾ انساني برابري، مذهبي رواداريءَ، ڀائيچاري، امن

۽ اِتحاد ڪان سواءِ ذات پات جي وِڇڻ واري نظام جي مخالفت شامل آهي. ان لاءِ نياز همايوني ڪتاب ”آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه“ جي مهاڳ ”جي تون پنهنجو پاڻ سڃاڻين“ ۾ لکي ٿو تہ ”رامانج پنهنجي پيش رُو شنڪر آچاريا جي نہ صرف احديت مطلق جي تقليد بدران ويدانت (وحدانيت) جي فلسفي تي پنهنجي فڪر جو بنياد رکيو پر پنهنجو سمورو ڌيان هندن جي هينين ذاتين ڏانهن ڏئي انسان دوستيءَ جو ثبوت مهيا ڪيائين. هن تحريڪ سان تعلق رکندڙ لوڪ روحاني دٻاءَ ۽ عصبيت سان گڏوگڏ سماجي طبقي بنديءَ ۽ تشدد جي بہ خلاف هئا. روحاني رجعت پسنديءَ ۽ عصبيت خلاف احتجاج ڪندي راما نند اها تبليغ شروع ڪئي تہ خُدا تائين رسائي صرف محبت ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿي.“ سندس اشارو انسان ۽ انسانيت سان محبت ڏانهن آهي.

رامانج هِن تحريڪ ۾ ڪيترن ئي سچن سروبچن، عالمن کي ساڻ ڪيو ۽ ٻُڌن، جينين، شودرن ۽ اَڇُوتن کي پنهنجي حلقي ۾ شامل ڪيو. ڪانئس پوءِ راما نند اِن تحريڪ کي اڳتي وڌايو جڏهن تہ ڀڳت ڪبير ان تحريڪ کي اوج تي رَسايو. سندس دور هندستان ۾ لوڏين وارو دور هو. ڀڳت ڪبير جو ڪلام انسان دوستيءَ جي پرچار وارو آهي. سنڌ جي تقريبن سمورن اساسي شاعرن جي فڪر تي سندس اثر واضح نظر اچي ٿو جن ۾ سامي گهڻو اڳيرو آهي. ساميءَ جا اهڙا وِيچار سندس سلوڪن ۾ گهڻين جاين تي ملندا. سندس اهڙن وِيچارن بابت سنڌ جي ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو خيال آهي تہ ”ڀٽائي صاحب اعليٰ انساني عظمت ۽ وحدت جي واڌائي ڏيندي چيو تہ ڪانہ پُڇي ٿو ذات، آيا سي اَگهيا پر ڀائي چئن راءِ وٽ اجان ڇهڙي چمار جو پچار باقي آهي.“ (سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ – ص: 474)

بلوچ صاحب جي راءِ پنهنجيءَ جاءِ تي تمام جاندار آهي. سندس Analysis جو انداز منفرد ۽ اعليٰ آهي. اسلامي دين ۽ سماج ۾ ذات پات، رنگ نسل جو ڪو بہ وِيڇو ناهي. سيني مسلمانن جو اِهو عقيدو آهي ۽ اسلامي تعليم ئي اِها آهي تہ گوري کي ڪاري، عربيءَ کي عجميءَ ۽ عجميءَ کي عربيءَ تي ڪا بہ وڌائي ناهي. اهڙيءَ طرح اسلامي سماج ۾ لاشعوري طور بہ اهڙا وِيڇا نہ ملندا. ڪرت جي لحاظ کان ڪيترن ئي هنڌن تي اسلامي سماج ۾ بہ ننڍ وڏائيءَ وارا رويا نظر ايندا آهن. شاهہ صاحب اِنهن روين ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ان جي اُبتڙ هندو سماج ۾ ذات پات جي ننڍ وڏائي ۽ طبقاتي فرق واضح آهي. ذات پات جي اهڙن تضادن کان باغي ٿي ئي گوتم ٻُڌ ٻُڌ مت جو بُنياد وڌو. توڙي جو سندس ڌرم انقلابي تبديليون آنديون پر پوءِ هُو اِن فرق کي پاڙئون پٽي نہ سگهيو. ڀڳتي تحريڪ جو بہ اِن فرق جي پاڙ پَٽڻ بنيادي مقصد هو. انهن سمورين ڪاوشن جي باوجود اڄ بہ هندو سماج ۾ اِهي وِيڇا تمام گهڻيءَ حد تائين موجود آهن. سامي سماج ۾ موجود اهڙن وِيڇن کي ختم ڪرڻ جي

ڳالهه ڪري ٿو. سامي ثابت ڪرڻ چاهي ٿو ته سماج ۾ گهٽ ليڪجندڙ ذاتين جا ماڻهون به عظيم آهن ۽ سماج ۾ انسان جي عظمت هجڻ گهرجي سندس ذات جي نه. ويدانت جي پيغام ذريعي هُو عوام کي اهڙي ئي آگاهي ڏيڻ چاهي ٿو. سنڌ جا تقريبن سمور اساسي شاعر پنهنجي پنهنجي دور جا مُعلم ۽ عالم هُئا. جهڙيءَ ريت مسلمان شاعرن انساني رواداريءَ جو عِلم پکيڙي سماج کي باشعور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تهڙيءَ ريت ساميءَ ويدانت جي ذريعي هندن ۽ مسلمانن ٻنهي مذهبن جي ماڻهن کي پنهنجي مذهب جي تعليم، اُن جي اصل پيغام ۽ اُن پيغام کي وري وري ورجائي ٻُڌائيندڙ تاريخي ڪردارن يعني سنتن جي حوالي سان پنهنجي فڪر کي پيش ڪيو آهي. سامي واضح چوي ٿو:

واٽـي جـا ويـدن جـي، سـنـڌيءَ ۾ سـُـــٽـايـان

ويد سنسڪرت ۾ لکيل آهن جن جو تفسير سامي بيتن ذريعي سنڌيءَ ۾ سمجهائي ٿو ته جيئن عام ماڻهوءَ کي اهو پيغام ۽ فڪر سمجهه ۾ اچي وڃي. ٿورو غور ڪريو! شاهه لطف الله قادريءَ پڻ پنهنجي رسالي متعلق ائين چيو آهي. شاهه لطف الله قادريءَ جي ڪلام ۾ شروع ۾ هڪ حمد سڳورو آهي، اُن ۾ ائين، نائين ۽ ڏهين سٽ هن ريت آهي:

تـه هـوءِ سـنـڌي وائـي سـُــــــهـلـو ٻـجـهـڻ اَبـوجـهـن
پـاهـنـجـي ٻـولـي ڪـري سـِــڳـهـائـيـن اِي سـِــڪـن
لـُــــطـف الله چـئـي، لـئـه پـيـو ور سـڪـن ۽ پـڙهـن
(شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام – ص: 53)

شاهه لطف الله قادريءَ اُن دور ۾ سنڌيءَ ۾ پهريون رسالو لکيو، جڏهن مڪتبن ۾ تعليم عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ڏني ويندي هُئي. ظاهر آهي اِها اسلامي تعليم هُئي. مذهبي، اخلاقي ۽ سماجي مسئلا پڻ شامل هُوندا هُئا. شاهه لـُطف الله قادريءَ اِها ساڳي تعليم سنڌي مادري ٻوليءَ ۾ ڏيڻ لاءِ ان تعليمي نظرئي جو بُنياد وِڌو، جنهن تي عمل ڪندي اُن دور جي ٻين عالمن مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ، مخدوم ضياءَ ۽ ٻين عربي – سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪتاب لکيا. اهڙيءَ طرح سنڌي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جي اِها تحريڪ ”تعليمي تحريڪ“ جي نالي سان ادب ۾ مشهور آهي. اهڙيءَ طرح مسلمان عربي – سنڌي صورتخطيءَ ۾ سنڌي لکڻ لڳا جڏهن ته هندو ديوناگري گـُـرمُکي وغيرهه پڙهندا هُئا. سامي پڻ گرمکي سکيل هو.

بلوچ صاحب اِن متعلق لکي ٿو ته ”هُو (سامي) سنڌ جي سالڪن، درويشن جي سنڌي بيتن کان واقف هو. انهيءَ ڪري هن پنهنجو شعر به سنڌي بيتن ۾ چيو جن کي ڏرمي واٽيءَ جي لحاظ سان ’سلوڪ‘ سڏيو ويو. اهي بيت اصل ۾ هٽ اکرين

جُدا جُدا چئنين تي گرمڪيءَ ۾ لکيل هُئا ۽ چئي نہ ٿو سگهجي تہ ڪانئس پوءِ ڪيتري ڏيان سان انهن کي عربي – سنڌي صورتخطيءَ ۾ آندو ويو.“ (سنڌي ٻوليءِ ادب جي تاريخ – ص: 473)

بلوچ صاحب جي راءِ مطابق چئي سگهجي ٿو تہ سامي نہ رڳو ٻين بُزرگ عالمن ۽ همعصر شاعرن کان متاثر هو پر سندن ڏيکاريل واٽ تي هلڻ وارو / سندن ئي نظرين جو حامي بہ هو. اهڙيءَ صورتحال ۾ چئي سگهجي ٿو تہ سامي جڏهن ويدانت جو فلسفو سنڌيءَ ۾ سمجهائڻ چاهي ٿو تہ چڻ هڪ لحاظ کان هُو لُطف الله قادريءَ جي نظرئي جي پيروي ۽ پوئواري ڪرڻ پيو چاهي؟ سندس اِهو نظريو لُطف الله قادريءَ جي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ واري نظرئي کي اڳتي وڌائيندي سنڌ جي اُن عوام کي ويدانتي پيغام سمجهائڻ چاهي پيو. مطلب تہ هُو حقيقت ۾ ويدانتي فڪر جا اهي پهلو جن مطابق انسان کي مذهب، ذات، رنگ نسل جي فرق کان بغير صرف انسان سمجهيو وڃي ٿو ۽ خُدا تعاليٰ کي ڪنهن بہ هڪ مذهب وارن جي بدران سموريءَ ڪائنات جو مالڪ هڪ ذات تسليم ڪيو وڃي ٿو ۽ اُن جي ڪا بہ شڪل ناهي. سڀ جو خُدا هڪ آهي. اِهو فڪر هر اُن ماڻهوءَ تائين پهچائڻ چاهي پيو جيڪو سنڌي پڙهي ۽ سمجهي سگهي. چاهي سندس دين ڪهڙو بہ هجي. ساميءَ اِهو ڪم هندو ڌرم لاءِ ڪيو يا نہ پر اِها حقيقت آهي تہ اِهو ڪم سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ ڌرتيءَ تي وَسندڙ هر ويدانتي چاهي ٻئي فڪر جي ساجهہ وند ۽ سنڌ ڌرتيءَ لاءِ ڪيو. سنڌ جي اِن نئين اِنسان لاءِ ڪيو، جنهن جو تصور سندس ذهن ۾ هو. اهو نئون انسان جيڪو مصنوعي طور تي پيدا ڪيل قدرن کي نہ ٿو مڃي ۽ جيڪو انسان جي ازلي ۽ اصلي قدرن جو ڄاڻو ۽ روشن خيال آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا سندس ان فڪر متعلق لکي ٿو تہ ”سنت ساميءَ ويدانت جي سکيا يا تصوف جو درس ڏيندي خُدا جي هستيءَ جو اعتراف ڪندي سنڌي سماج ۽ سنڌي ادب ۾ هڪ نئين راهہ قائم ڪئي. هُن ويدانت جي سکيا ۾ اسلامي تصوف جو رنگ ڀري هڪ نئين روايت جو رنگ ڀريو، جنهن تي سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ وارن کي هميشہ فخر آهي.“ (سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا – ص: 288)

سمن حڪمرانن کان پوءِ سنڌي ادب جي تاريخ جو تقريبن سمورو دور بُحراني دور هو. هن دور جي شاعرن، عالمن ۽ مُفڪرن ڀرپور ڪوشش ڪئي تہ عوام سُجاڳ ٿي سگهي. جڏهن عوام ۾ اِنتشار ۽ اَنارڪي ڦهليل هجي تہ عوام اُٻاڻڪو ٿي پوندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ قوتِ اراديءَ ۽ جدوجهد، عزم، حوصلي منديءَ جهڙا اصطلاح مفروضا ۽ آدرشي لڳندا آهن ۽ عوام ۾ لالچ، خُود غرضيءَ جهڙا منفي اثر وڌڻ وِيجهڻ لڳندا آهن. تاريخ ۾ سمن جي حڪمرانيءَ وارو دور سنڌ جو هڪ آئيڊيل دور ليکيو وڃي ٿو پر اُن کان پوءِ مستقل سنڌ بحران هيٺ رهي. لاڳيتين

سياسي تبديلين عوام کي نِستو ڪري وڌو هو. اهڙين حالتن ۾ هِتان جا شاعر ۽ مُفڪر عوام ۾ تصوف واري فڪر ۽ شاعريءَ ذريعي عوام جي ساڻن ساهن ۾ نئون رُوح ڦُوڪيندا رهيا.

ساميءَ اَنارڪيءَ واري دور کي پنهنجي نِنيڀڻ کان وٺي ڏٺو جنهن جا احوال اسان کي تاريخ جي مختلف ڪتابن ۾ ملندا. سامي شاهہ وانگر جهر جهنگ ۾ مشهور نہ هو. شاهہ جا معتقد مسلمان توڙي هندو سڀ هُئا ۽ ساڳيءَ طرح سچل سرمست بہ عوام ۾ گهڻو مقبول هو پر سامي ويدانتي نظرئي ۽ هندو هجڻ ڪري هندو ڪميونٽيءَ ۾ گهڻو مشهور هو. مندرن ۽ پانشالائن ۾ سندس سلوڪ پڃن ڳايا ويندا هئا. ساميءَ انساني مزاج جي پنجن منفي روين ختم ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. سامي چوي ٿو:

اوديا رَنَ لُٽي ٿي، خاص خزانو سڀ جو
جوڙي جيئن کي ٻنڌي، گهيرَتَ ساڻ گهُٽي
پيادا پنج ٻچي ڪري، راتيون ڏينهن ڪُٽي
ڪو سامي سَنتُ ڇُٽي، ڪري حمايت هَرِ جي
(اوديا (الف) — 36 — ص: 68)

هِن بيت ۾ پنج پيادا بُريون خصلتون يا انساني دشمن آهن. اهڙيءَ ريت ٻيءَ جاءِ تي چوي ٿو تہ:

ٻانيڻ ٻَنڌ گياني، ڪوڙا گهمن ڪيترا
ڳالهيون ڪن زبان سان، انيئِـــــ آساني
رهن رس ڪس لوڀ ۾، ارجها ايماني
چاڻن نہ فاني، پتلو پنجن تتن جو
(47 — ص: 23)

اهي پنج دشمن آهن

1) ڪام = عشق، شهوت، نفساني خواهش
2) ڪِرودَ = ڪاوڙ، ڏَمر، غصو، ڪيٺو، ڪِرڪِر، روج راڙو
3) لوڀ = طمع، لالچ، حرص، هٻچ
4) موهہ = پيار، پريت، محبت، لالچ، حرص، لوڀ
5) اَهنڪار =غرور، وَڏائي

سامي چوي ٿو تہ اهي پنج ئي عنصر انسان ۾ جهالت جي ڪري پيدا ٿين ٿا. اَوِديا يعني جهالت انسان جي زندگيءَ کي کوکلو بڻائي ڇڏي ٿي. ان کان سواءِ مايا يعني دولت جي لالچ ماڻهوءَ کي ڪيترين ئي بُراين ۽ بُڇڙاين ڏانهن ڌِڪي ٿي جن

مان سڀ کان وڏي بُرائي غرور ۽ تڪبر آهي. ساميءَ جا ڪيترا ئي بيت اَوِديا ۽ مايا متعلق آهن. ساميءَ جي اِنهن بيتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هُن ماڻهن کي انتهائي ويجهڙائيءَ کان جهالت ۾ ورتل ۽ دولت جي لالچ جو شڪار ٿيندي ڏٺو. اِن ڪري هُو پنهنجي عوام کي انهن جي هاڃن کان آگاهه ڪري ٿو. سامي دُنيا کي فاني ۽ مايا کي اکين جو دوکو / مصنوعي چمڪ ظاهر ڪري ٿو. اِن ۾ ڪو شڪ ناهي ته هِندو سماج ۾ جتي واپاري طبقو گهڻائيءَ ۾ آهي، اُتي وياج خوريءَ وغيره جهڙيون خرابيون به آهن. اِهو ئي سبب آهي جو سامي دولت / مايا کي بي وُقعت ۽ انساني دشمن ثابت ڪري ان جي لالچ کان پري رهڻ جي تلقين ڪري ٿو. لُطف الله بَدوي ساميءَ جي فن، فڪر ۽ ٻوليءَ متعلق لکي ٿو ته ”اهڙي شاعري حقيقي معنيٰ ۾ پيغامي شاعري ۽ اهڙو شاعر ئي صحيح معنيٰ ۾ مُفڪر سڏائڻ جو حقدار آهي. ساميءَ جي شاعري فڪر ۽ خيال جي نسبت جيتري قدر بُلند آهي، ايتري قدر سندس زبان به فصاحت ۽ بلاغت سان پريل آهي. جتي هُو عربي ۽ فارسي لفظن کي بنا ڪنهن تميز ۽ تُڪ جي استعمال ڪري ٿو اُتي سنسڪرت ۽ هندي لفظن کي به ساڳيءَ ريت ڪم آڻي ٿو. جيئن ته هُو سلوڪ طريقي جو سالڪ آهي اِن ڪري ونس ٻوليءَ جو به ڪو پيد پاءُ موجود نه هو.“ (سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا – ص: 289)

ساميءَ لاءِ هڪ راءِ آهي ته هُو هڪ سيٺ هو ۽ ان طبقي جي ماڻهن جو ڪيس مشاهدو هو. پر ساميءَ جي سلوڪن ۾ ڪيترا ئي اهڙا بيت شامل آهن جن ۾ هُن هارين، پورهيتن وغيره جو ذڪر ڪيو آهي. جيئن هن بيت ۾ چوي ٿو:

پانهنجي پوک سنيارِ، پِراڻي، پيهي تي چڙهي
ڏيئي واڙِ ويساهه جي، پاڻي پريم پيار
ڪميا ڪانياڻيءَ سان، ڪڍي ڪلپت جهار
ڪڻندي بي حد ٻارِ، سامي اَنيَئِ اَن جي
(28- ص: 383)

پورهيت جي پورهئي کي جدوجهد ۽ سچي عشق جي علامت طور بيان ڪري ٿو. هيٺئين بيت ۾ هُو پورهيتن جو ذڪر ڪري ٿو پر سندس اِشارو پِڳتي نظرئي جي سنت ڪوين ڏانهن آهي.

جني لنو لائي، سي سڀ لال گلال ٿيا
جٽ، پِچارا، پاوَلي، موچي، ڪتي، نائي
چڙهيا اَنيَئِ اَڄَ تي وِجائي وائي
سامي سدائي، ماڻِن دور درس جا
(ص: 426)

اسان جي سماج ۾ سونارو هڪ اهڙو پورهيت آهي، جيڪو معاشي طور خوشحال هُوندو آهي. مهارت جي ڪري ڪيس علامت طور شاهہ ڀٽائي بہ صراف جي نالي سان ساراهيندو رهيو آهي. سوناري / صراف جو ڪم نهايت محنت وارو هُوندو آهي پر سون قيمتي هُجڻ ڪري هُو خوشحال هوندو آهي. اِن ڪري غريب پورهيتن ۾ سندس شُمار نہ ٿو ٿئي. ساميءَ سوناري کي نفس جرڪائيندڙ ماهر طور پيش ڪيو آهي.

جيئين رُپي کي رَند، پيو سونارو سِڌِ ڪري،
تيئين سَنگُ ساڌوءَ جو، ڪڍي غيرت گَندُ،
سمجهي ڪو سامي چئي، توري طالع مند،
بيحد نظر بُلند، ڪري مِلي ڪَرتارَ سان.
(92- ص: 734)

شاهہ، سچل ۽ ٻين صوفي بُزرگ شاعرن جا معتقد مسلمان تہ هُئا ۽ جيئن تہ هُو مذهبي پابندين بدران انسانيت واري نظرئي جا حامي هُئا اِن ڪري سندن عقيدتمندن ۾ ڪيترا ئي هندو بہ شامل هُوندا هُئا پر ان جي باوجود اڪثريت اهڙن هندن جي بہ هُوندي هُئي، جيڪي عقيدت ۽ احترام جي باوجود پنهنجي مذهب تائين محدود هُئا ۽ ٻيو تہ هندو مذهب ۾ پڻ ذات پات ۽ طبقاتي فرق وارا عنصر موجود هُئا. توڙي جو هندو ڌرم ۾ پڻ صدين کان وٺي اهڙيون تحريڪون اُڀريون. مسلمان مولوين توڙي هندو پنڊتن جي صورت ۾ ڪيترا ئي اهڙا ڪردار موجود هُئا، جيڪي مذهبن کي پنهنجن مفادن مطابق توڙي مروڙي عوام کي ڏَجهائي رهيا هُئا. مسلمان صُوفي تہ پنهنجو ڪردار نڀائي رهيا هُئا پر هندو ڌَرم جي روشن خياليءَ وارن عنصرن کي عوام ۾ رُوشناس ڪرائڻ جي گهرج هئي جيڪا ساميءَ پوري ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.

ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ساميءَ جي ڪلام کي بہ ٻين صوفين وانگر عام ڪيو وڃي. اسان جي ميڊيا جا ادارا ان سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ محقق ساميءَ جي ڪلام جون سمجهاڻيون ۽ شرحون لکي، ان مان نوان گوشا پڌرا ڪڍن.

## مددي ڪتاب


1. ناگراڻي، بي ايچ، ساميءَ جا سلوڪ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2007ع
2. جويو محمد ابراهيم، شاهه، سچل، سامي روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2006ع
3. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، هڪ جلدي :لغت، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 1998ع
4. بلوچ نبي بخش خان، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو. 1990ع
5. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2005ع
6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقاء، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2006ع
7. شاهواڻي، غلام محمد "شاهه جو رسالو"، سنڌيڪا اڪيڊمي 1993ع
8. همايوني، نياز "آءُ ڪا نگا ڪر ڳالهه". فقير دريا خان جو ڪلام، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1992ع
9. سحر امداد، ڊاڪٽر، "شعور، شاعر ۽ شاعري"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 2008ع
10. جويو تاج، "ساميءَ تي هڪ نئين نظر"، پريم ساگر پبليڪيشن، سوامي نارائڻ مندر، ايم اي جناح روڊ ڪراچي. 2002ع
11. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، "شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام"، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2010ع